ڊاڪٽر بشير چانڊيو (فياض لطيف)

# جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فڪري ۽ فني ڌارائون


**_Abstract:_**

*Modern poetry has its own tracks and trends.Though it has great kith and kin with tradition of past and present but it has strong attachment with soil, culture and civilization. Modern poetry not only elites new trends and tendencies in its own existence but it provides a lot of freshness of thoughts and thinking to readers.*

*Sindhi modern poetry posses the same qualities and intectual stuff, as the other literary languages have besieged. The pionier of modern Sindhi poetry is kishan chand Bewais, who bestowed many colours and loveliness to Sindhi poetry, especially in regard to softness of words and pleasantness of feelings, his poetry is inimitable, put there are hundred and thousand poets, who have tried their best to create crafting and erection of all attractive essentials in their poetry. Modern Sindhi poets have done plenty of creative experiences in their poetry, in shape of form and rumoured, to enrich it in all aspacts.*

*In this research paper, the new trends in modern Sindhi poetry are focused and discused in a very detailed way.*


**سنڌ** نہ رڳو پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ ڪلچر جي لحاظ کان سدا شاداب رهي آهي، پر اها پنهنجي ادبي روايتن ۽ فڪري اَساس جي حوالي کان پڻ سدا آسودي ۽ خوشحال رهي آهي. ساڳيءَ ريت سنڌي شاعريءَ جو پاند پڻ سدائين لال ليارن ۽ خيال-ستارن سان ڀريل رهيو آهي. سنڌي شاعري پنهنجي ابتدائي ۽ ڪلاسيڪي دؤر کان وٺي جديد دؤر تائين، نہ فقط شاندار تخليقي روايتن جي اَمين رهي آهي، پر اُن نَين روايتن کي جنم ڏئي، هر دؤر ۾ پنهنجي نئين سڃاڻپ کي قائم ڪري، اُن کي برقرار رکيو ۽ وقت ۽ حالتن پٺاندڙ سفر پڻ ڪيو آهي. يقينن سنڌي شاعريءَ تي عارضي حالتن جا اَثرَ بہ رهيا آهن ۽ اُن وقت جي ڏاڍ ۽ حاڪماڻي جَبرَ جي ڏينهن ۽ راتين جا سُورَ بہ سَٺا آهن، پر مجموعي طرح اُن جو فڪر ۽ فن، نہ رڳو حيات بخش رهيو آهي، پر اُن جو تخيلاتي ۽ جمالياتي جهان پڻ پُر بهار ۽ انقلاب آفرين آهي.





سنڌ ۾ اَرڙهين صديءَ کي فارسيءَ جي عروج جو دؤر چيو وڃي ٿو، جڏهن تہ سنڌي شاعريءَ ۾ اُڻويهين صديءَ کي فارسي شاعريءَ جي تقليد جو دؤر ليکيو وڃي ٿو، جنهن ۾ سِرجندڙ شاعريءَ جو گهڻو اِنحصار 'تخليقي جوهر' بدران 'فارسي روايتن جي تقليد' تي هو. اُن شاعريءَ ۾ نہ فڪري سگهہ هئي، نہ تخليقي سُندرتا، نہ عصري حالتن جو احساس ۽ ادراڪ، نہ تهذيب، تمدن ۽ ڪلچر جا قدر، نہ ئي ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين جي ڏکن ۽ سُکن جي اُپٽار، فقط بي روح لفظن جو ٽڪساٽ ۽ قافيہ پيمائي جي حرفت هئي، جيڪا سِلهہ جي مَرض وانگر سموري ادبي وايومنڊل کي وِڪوڙي چُڪي هئي. اُن دؤر جي سموري سنڌي شاعري، فارسي علم و ادب جي اَثر هيٺ گوڏن تائين گَتل نظر اچي ٿي. فارسي تشبيهون، تمثيلون، اِستعارا ۽ ترڪيبون، سنڌي شاعريءَ جي وجود جو ناسور ۽ ڪُڪ جو ڪانُ بڻجي ويون هيون.

ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾، سنڌي ڪويتا جي سجاڳ ڪوي ڪشنچند 'بيوس' (١٨٥٨-١٩٤٧)، نہ رڳو اهڙي غير تخليقي ۽ جمالياتي رَسُ ۽ روح کان خالي شاعريءَ خلاف ٻهرين بغاوت ڪئي، پر سنڌي شاعريءَ جي ڪُڪِ مان فارسي روايتن جو اهو 'ڪانُ' ڪڍي، اُن جي ڦٽن تي پنهنجي فڪر ۽ فن جي مَرهم جون شفا بخش پَٽيون بہ رکيون. ڪشنچند بيوس اُهو ڪوي آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي فارسي جي بي روح روايتن جي ڌُٻڻ مان آزاد ڪري، اُن کي نہ فقط سليس ٻولي، عام فهم ترڪيبن، تشبيهن، موضوعاتي نواڻ ۽ عصري حالتن سان هم آهنگ ڪيو، پر فڪري ۽ فني لحاظ کان پڻ وڏي وسعت عطا ڪئي. اُهو سندس فڪري ۽ فني ڪارنامو ئي هو، جنهن سان سنڌي ڪويتا جي آڪاش تي ڇانيل فارسي آميزيءَ جي طويل رات کان پوءِ هڪ نئين پِرڀات ڦُٽي. شاعريءَ ۾ مٽيءَ جي ماحول جي مَهڪ سان گڏ خيالن جي تازي ٽڏڙي هِير جو احساس بہ محسوس ٿيڻ لڳو، جنهن سان ماڻهو پنهنجائپ جو احساس محسوس ڪرڻ لڳا ۽ هُنن احساساتي طور 'ڏکَ دور ڪندڙ ۽ فرحت ڏياريندڙ' شاعريءَ جي احساس کي هڪ نئين انداز ۾ محسوس ڪيو.

سنڌي شاعريءَ جي اُن سَلاست ۽ سُجاڳيءَ واري قافلي ۾، بيوس سان هم خيال شاعرن جو چڱو سَٿُ شامل هو، جن ۾ ڪيئل داس فاني، هَري دلگير، هوند راج دُکايل، حيدربخش جتوئي، بَردو سنڌي، شيخ راز ۽ نارائڻ شيام جا نالا سَرفهرست

آهن، جن پنهنجي جديد فڪر، فهم ۽ تخليقي وجدان سان سنڌي شاعريءَ کي نَيون وُسعتون عطا ڪيون. خاص طور تي شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ کي گھڻ پھلوئي جوت ۽ جِدت بخشي. هن سنڌي شاعريءَ کي نہ فقط نئون اسلوب، نئون لھجو، نئين هيئت، نئون ترنم ۽ نئين تخليقي تازگي عطا ڪئي، پر غزل جھڙي گھاڙيٽي جي لحاظ کان سخت گير ۽ موضوعي لحاظ کان محدود صنف ۾ پڻ فن ۽ فڪر جي هڪ نئين وسعت عطا ڪئي.

شيخ اياز جي شروعاتي شاعريءَ ۾ فارسي آميزيءَ جو رنگ ضرور آهي، پر اُن ۾ اظھار جي نفاست ۽ خيال جي گھرائي پنھنجن سمورين تخليقي نُدرتن ۽ فني نِرملتائن سميت موجود ملي ٿي ۽ اُن ۾ روح کي گرمائڻ لاءِ حرارت پڻ موجود آهي، پر تنھن هوندي بہ اياز تُرت ئي اُن رنگ کي تَرڪ ڪري، روايت ۽ جدت جي آميزش سان پنهنجي شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جو هڪ نئون روح ڦوڪيو. هُن غزل جو فارم البتہ فارسيءَ وارو برقرار رکيو، باقي تشبيھن، استعارن، ترڪيبن، محاڪات ۽ ٻوليءَ جي سموري مِناس ۽ موھ کي سنڌيت جي مِزاج سان موافق بڻائي، اُن ۾ پنهنجي روح ۽ احساس جون ڪمال رنگينيون ۽ راحتون اوتيون آهن.

ڪير چوندو تہ هي غزل آهن؟
پيارَ جا ڪي ٻہ چار پل آهن.

ڳل تنھنجا ائين لڳا مون کي،
ننڊ ۾ موتيا سُتل آهن!

هي ڪپيل گردنون گلابن جان،
ڪئن نہ آزاد ٿي کُتل آهن!

(سميجو اسحاق (مرتب)، گيڙو ويس غزل، ۲۰۱۵ع، ص: ۲۹۱)

شيخ اياز نہ رڳو روايتي شاعري جي صنفن ۾ فني تجربن جي تازگي سان نواڻ پيدا ڪئي، پر هن ڪلاسيڪي صنفن ۾ پڻ پنهنجي طبع جي جولاني ۽ تخليقي جدت سان وڏي موضوعاتي وسعت پيدا ڪئي آهي. ائين سنڌي شاعريءَ جو جھول نئين ڪوتائن جي تازن، خوبصورت ۽ خوشبودار گلن سان ڀرجي ويو، جن جي سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ چوڌس وايو مَندل کي مُعطر ڪري ڇڏيو.





سنڌي شاعري، خاص ڪري غزل جي شاعريءَ ۾، فارسي آميز لھجي، اوپري ماحول کي ڇڏي، ڀھريون ڀيرو خليفي گل ۽ عبدالحسين سانگي، اُن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ۽ سنڌ جي ماحول کي پيش ڪيو ۽ ڪنھن حد تائين غزل ۾ فڪري سَلاست، جِدت ۽ سادگي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اُن ڪوشش کي وڌيڪ وُسعت ۽ سگھ ڪشنچند بيوس عطا ڪئي، جو تہ هُن نہ رڳو غزل ۾ سَلاست ۽ جِدت پيدا ڪئي، پر نظم ۾ بہ پنهنجن احساسن کي اِظھاري، سنڌي شاعريءَ کي نئين فڪري ۽ فني سُرت ۽ سجاڳيءَ سان روشناس ڪيو، اُنھيءَ ڪري 'گل، سانگي ۽ بيوس' کي 'جديد شاعرن' جو مَھندار چئي سگھجي ٿو، پر حقيقت ۾، 'جديد سنڌي شاعريءَ جو باني مباني' شيخ اياز آهي، جو تہ شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ کي نہ فقط نئون فڪري ۽ وسيع تخليقي آڪاش عطا ڪيو، پر هُن اُن کي نئين موضوعن، نِرالي هيئتن، تخليقي تجربن، نئين لغت ۽ نوَن اسلوبن سان مالا مال ڪري، هڪ نئين شناخت ۽ زندگي بخشي آهي. اُن کان پوءِ ئي سنڌي شاعريءَ حقيقي طور پنهنجو رشتو پنهنجي ڌرتي ۽ سماج سان جوڙي، نہ صرف پنهنجي مٽي ۽ ماڻھن جي طرفدار بڻي، پر عالمي سماجي مسئلن ۽ ادب جي فڪري ۽ فني لاڙن جي مثبت اَثرن کي پنهنجائي پنهنجي فطري ۽ جمالياتي عروج تي پڻ پھتي آهي.

سنڌي شاعري، اُن عرصي دوران نہ فقط 'فارسي آميزيءَ جي روايتن' مان پنهنجو پاند آجو ڪيو، پر پنهنجي ڪلاسيڪي روايتن سان گڏوگڏ عالمي انساني مسئلن ۽ مامرن جي صداقتن کي پڻ پنهنجي فڪر ۽ احساس سان سَلھاڙي، شاعريءَ ۾ جِدت جي هڪ نئين دنيا کي جنم ڏنو. نتيجي ۾ سنڌي شاعري پنهنجي ڌرتيءَ جي تهذيب، تمدن، تاريخ، ثقافت ۽ پنهنجن ماڻھن جي اُمنگن ۽ احساسن جي عڪاسي کان علاوه ڏيھان ڏيھي طور 'انسانيت' جي ترجمان پڻ بڻي. ۱۹۵۰ع کان ۱۹۹۰ع وارن ڏھاڪن توڙي ۲۰۰۰ع کان ۲۰۲۱ع واري دور تائين، جديد سنڌي شاعري پنهنجي فن، فڪر، خيال، تخيل توڙي تفڪر ۾، نہ رڳو تمام گھڻي سگھاري ۽ گھڻ پھلوئي جماليات سان مالا مال محسوس ٿئي ٿي، اُن ۾ اُها تخليقي جُوت ۽ جِدت نظر اچي ٿي، جيڪا جيءَ ۾ ڀَنيت ٻاري، دل کي نہ صرف دنيا جي سچائين سان آشنا ڪندي آهي، پر خدا جي خدائي جي حُسناڪين ۽ حيرتن مان گھڻو ڪجھ پِرائڻ ۽ پُرجھڻ لاءِ پڻ آچيندي آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ جي ٧٥ سالن جي سفر جي ڪهاڻي، جيڪا موضوعاتي لحاظ کان وڌي وُسعت ۽ نُدرت، فني ۽ فڪري لحاظ کان وِشال ۽ احساساتي حوالي سان نہ رڳو موهيندڙ ۽ روح کي گرمائيندڙ آهي، پر جمالياتي اعتبار کان پڻ انتهائي عميق ۽ حسين آهي، اُن جو هن مختصر مقالي ۾ احاطو ڪرڻ ممڪن نہ آهي، پر اُن جي ڪجھ فڪري خوبين ۽ فني خصوصيتن جو هيٺ اِختصار سان ذڪر ڪجي ٿو.

## جديد سنڌي شاعريءَ ۾ انفراديت:

انفراديت ڪنهن بہ تخليق جو هڪ اهڙو گڻ آهي، جنهن جي بنياد تي ڪنهن بہ تخليقي شَهپاري جي فني ۽ فڪري اهميت ۽ وقعت جو تعين ڪري سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ انفراديت اهڙي خوبي ۽ خصلت آهي، جيڪا شين کي نہ رڳو نِشانبر ۽ نمايان ڪندي آهي، پر ٻين کان منفرد ۽ مختلف بہ بڻائيندي آهي. شيخ اياز اُن حوالي سان لکي ٿو، ”انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايتري ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبوءِ. هر عظيم فنڪار جوڙڻهار ۽ پنهنجي ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي. فن، زندگيءَ لاءِ هوندي بہ ان کان مٿيرو آهي.... انفراديت ٽيڪنڪ لاءِ بہ ضروري آهي ۽ فڪر لاءِ بہ.“[1]

جديد سنڌي شاعري پنهنجي فڪري جوهر توڙي فني حسناڪين ۾، انيڪ انفرادي خوبين ۽ خوبصورتين جي مالڪ آهي. اُن جي اِنفرادي گُڻن ۾ ٻوليءَ جي نَفاست، سَلاست، رواني، موضوعي وُسعت، خيال جي نُدرت، تخيل جي تازگي، تَخاطب جي اَدا، اظهار جو انداز ۽ اهڙيون ٻيون ڪيئي اِنفرادي نوع جون خوبيون آهن، جيڪي جديد شاعريءَ کي هڪ طرف سگهارو ۽ حُسناڪ بڻائن ٿيون، تہ ٻي طرف اُهي اُن کي پنهنجي عصري حالتن جي ترجماني جو حق اَدا ڪرڻ جي قابل پڻ ڪن ٿيون.

سُهڻي تنهنجو روپ آ مايا، ساهڙ جهڙو روپ رچاءِ،
سا هَڙَ ڪولي ساهڙ سامهون، پل پل ساهڙ کي پرچاءِ.
سنگ اچي مد مست هوا جي، رابيلن جي مالها پاءِ،
نيڻ ـ ڪٽاري لاءِ نشانو منهنجي دل آ، آءُ لڳاءِ.
(بشير مورياڻي)

هر تخليقڪار ۽ فنڪارانہ جي اظهار جا ذريعا پنهنجا پنهنجا ٿين ٿا. هڪ مصور





جي اظهار جو ذريعو رَنگَ هوندا آهن. هڪ رقاصہ جو رقص، اُن جي جسم جو تحرڪ ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ ’مظهريت‘ ئي اُن جي زبان هوندا آهن. بُت تراش، ڇيڻي ۽ هَٿوڙي ذريعي پَٿر کي تَراشي، اُن مان سُندر مورتيون تخليق ڪندو آهي ۽ اُن جي اظهار جو ’ٽول‘ سندس ڇيڻي، هٿوڙو ۽ آڱريون بڻجنديون آهن، ۽ ائين هو پنهنجي انفرادي فن ۽ ڏات ذريعي پنهنجن فنپارن ۾ نفاستون ۽ نزاڪتون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ساڳيءَ ريت هڪ شاعر جي اظهار جو ذريعو لفظ هوندا آهن. هُو لفظن کان ڪيفيتن جي اظهار جو ڪم بہ وٺندو آهي، تہ اُنهن کي تصور، عڪس نگاري ۽ ترنم لاءِ بہ ڪم آڻيندو آهي. لفظ، شاعر جي تخليقي نفاست ۽ داخلي اُڌمي کي جيئدان عطا ڪندا آهن. جديد شاعر جي اظهار جي زبان، نہ صرف سَليس ۽ سُبڪ آهي، پر اُن ۾ ڪمال جي انفرادي نَفاست ۽ نِزاڪت ملي ٿي. هيٺين سِٽن ۾، مشاهدي جي معصوميت ۽ اِظهار جي اَدا جو هي حَسين انداز ڏِسو.

پَر پکيڙيا هوا، مورَ ها رقص ۾، ڏينهن ڦولار جا،
آءُ هُس خواب ۾، جاڳ سپنا اُٿيا پئي سندءِ پيارَ جا.
تو سنيهو مُکو ۽ نہ سپنو مُکو، مان تڪيندو رهيس،
ڪوڙ آيا پکي، ڪوڙ ٻيڙيائتا، آرَ جا، پارَ جا.
پهرين جهوتو لڳو، پوءِ خوشبو اُڏي، پوءِ پوپٽ نَچيا،
مُندَ اُهجاڻ جيڪي بہ آندا پئي، سپ هئا يارَ جا.
(اسحاق سميجو، ’گناهہ جا گيت‘، ٢٠٠٦ع، ص: ٧٧)

شاعر جي انفراديت جو ڪمال اُهو ئي هوندو آهي، تہ هُو موجود ۽ ڏٺل وائٺل شين کي نہ رڳو غير رواجي اکين سان ڏِسندو ۽ محسوس ڪندو آهي، پر اُنهن کي پنهنجي انفرادي انداز ۽ غير معمولي تخليقي تجسيم سان پيش بہ ڪندو آهي. چند شاعرن جي شاعريءَ مان ’تجسيم‘ جا مثال پيش ڪجن ٿا.

ٿڪ جي ماپ وَني سگهجي ٿي،
صرف لڙڪن جي اَجهي ۾ ويهي.
ڪونہ خوشبو کي ڇُهڻ هو مشڪل،
جي توهان جي بہ هجي ها مرضي.

مُرڪ ۾ رنگ پري سگهجي ها،
رنگ ۾ رنگ نه هو پر ڪوئي.
(ارجن حاسد)

وقت جي ڪيت ۾ خواب پوکيان پيو
ديس! تو واسطي گلاب پوکيان پيو.
غار تاريڪ جي مُنهن ڪاري اڳيان
ڪيترا ڏِسُ آفتاب پوکيان پيو.
(غلام حسين رنگريز)

جديد ڪويتا ڪارن پنهنجن داخلي احساسن، ڪيفيتن، خيالن ۽ خارجي مُشاهدن ۽ محسوسات کي تخليقي روپ ڏئي، اِهڙي اَنوکي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جو اُنهن مان سندن اِنفراديت جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو.

صُليب جاڳ اسان جي، مَسيح خواب مِليا،
اکيون اکيون نه رهيون ايترا عذاب مِليا.
چُميون ته قول ٿي ٽِڙن ها بدن جي ٽاريءَ تي،
شَرم هوٺيءَ کي مگر هَڙئي هٿا حِجاب مِليا.
نه ملياسين ته رڳو پاڻ، پاڻ ساڻ پرين!
اُتي ئي آس پاس، خَلقَ کي خدا به مِليا.
(مظهر لغاري، 'هوائون نه روڪيو'، ۲۰۰۶ع، ص: ۷۴)

جديد شاعرن پنهنجن تخليقن ۾، تشبيهن، اِستعارن، اِصطلاحن ۽ مُحاورن جو نه صرف جديد ۽ تخليقي پيرائي ۾ اظهار ڪيو آهي، پر هر شاعر جي شاعراڻي اِنفراديت ۽ اُن جو جمالياتي تجربو پنهنجو پنهنجو آهي، جنهن کي هر ڪنهن پنهنجي اِنفرادي انداز ۽ احساسَ سان پيش ڪيو آهي. اُهو ئي سبب آهي، جو هڪ ئي موضوع تي اظهارِ خيال ڪرڻ کان پوءِ به هر شاعر جي پنهنجي حِسيت ۽ تخليقي حُسناڪي جهَلڪي ٿي. زندگي ڪنهن لاءِ سَراپا سُرور ۽ سُک آهي، ته ڪنهن لاءِ 'سرور دُکر دُکر' جو روپ، پر 'آسي زميني' زندگيءَ لاءِ پنهنجو ذاتي ۽ اِنفرادي شاعراڻو اظهار هِن ريت اُوري ٿو:

جنهن به ڪمپوز ڪئي بي دليءَ سان ڪئي،





زندگي، پُروف ريڊنگ جي غلطي لڳي!
دوستيون، مائٽيون، ٽاڪئان پَرم ها،
ڏوڙ رِشتن جي هر پَل اکين ۾ چُڀي!
روز هڪڙي نئين خواب جي قِسط ٿي!
پاڻ پنهنجي سموري حياتي ڏني!
(آسي زميني، 'مَيجتا جي رُڃَ ۾'، ۱۹۹۲ع، ص: ۱۶۲)

پيار جو موضوع ته آفاقي آهي، جنهن تي دنيا جي هر سِرجڻهار لِکيو آهي، پر سنڌ جو شاعر جڏهن محبت جي باري ۾ اظهار ڪري ٿو، تڏهن سندس تجربي جي تخليقيت، تشبيهن جي پيالي ۾ پَرتجي، اهڙو حسين روپ اختيار ڪري ٿي، جو چپن جي چهاءَ سان چمپئي ڳلن تي، چنڊ ڪِڙي پوي ٿو ۽ پرينءَ جا اُجرا ٽهڪ هنج بڻجي، تاج محل تي اُڏامڻ لڳن ٿا.

چَپ ڏريم جو چمپئي ڳل تي،
چنڊ ڪِڙي پيو نِيل ڪَنول تي.
ٽهڪ پرينءَ جا اُجرا اُجرا،
هَنجَ اُڏاٽا تاج محل تي.
(نصير مرزا، 'تي نه سگهيس شاعر'، ۲۰۰۷ع، ص: ۸۸)

جديد شاعر پنهنجي تخليقي اِنفراديت، اَنوکي اظهارِ بيان ۽ پنهنجي اسلوب سبب ڪويتا ڪيتر ۾ پنهنجي پنهنجي ۽ مخصوص سڃاڻپ رکن ٿا. سندن تخليقي اظهارُ ۽ اَسلوبُ اهڙو ته نِرالو ۽ نِرمل آهي، جو گهڻو ڪري هڪ سِٽ پڙهڻ کان پوءِ بنان ڪنهن هَٻڪ جي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، اُها سِٽ فِلاڻي شاعرَ جي آهي.

جنهن وَڻ هيٺان گوتمُ هو،
اُن جي پَنَ پَنَ ۾ غَمُ هو.
سونهن سَڏايو ڏرتيءَ تي،
هونئن نه مون کي ڪو ڪَمُ هو.
پنهنجو خيال رهيو نه ڪوئي،
تنهنجو اُلڪو هر دَمُ هو.

گُلَ چو ايڏو شَرمايو هو،
ڪيس چيو ڇا شبنم هو.
سنڌوءَ جي ساراهه ڪئي مون،
هر دَرٻاري بَرهم هو.
(ادل سومرو، ’نيرولي جو خواب، ٢٠١٧ع، ص: ١٠٧)

جديد سنڌي شاعريءَ جي قافلي ۾ شامل شاعرن جو اَنگُ توڙي جو لَکن ۾ آهي، پر اُنهن مان سَوين سِرجڻهار اهڙا آهن، جن جو پنهنجو لب و لهجو، تخاطب جو انداز، اظهار جي ادا، شين کي پَسڻ ۽ اُنهن کي پِيش ڪرڻ جو پنهنجو ڏانءُ آهي ۽ اهو انفرادي ڏانءُ ئي کين ٻين کان الڳ ۽ منفرد ڪري بيهاري ٿو.

## جديد سنڌي شاعريءَ جو مِزاج ۽ لهجو:

سنڌي ٻولي پنهنجي لفظي سٽاءَ، توڙي فني سُياءَ ۾، نه صرف سُپڪ ۽ سَليس آهي، پر اُها پنهنجي لهجي ۾ نَرم، مُحاوري ۾ گهري ۽ تلفظ ۾ ترنم جو ڪيئي خوبيون ۽ خوبصورتيون رکندڙ زبان آهي. ٻوليءَ جي اُنهيءَ نَفاست، نَزاڪت ۽ مِزاج جا اثرَ، جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ پڻ نمايان نظر اچن ٿا. نهٺائي، مُحبت ۽ سراپا نِماڻائي سان تِمثار تنوير جون هِي سِٽون حاضر آهن.

نه ڪي بيت مون وٽ، نه ڪي آيتون،
رڳو پيار ۽ پيار جون ساعِتون.
رهياسين سڄي عمر معصوم ته ٻه،
اسان تي لڳيون عشق جون تُهمتون.
اسان طور سينا اکين تي رکيو،
نِگاهن کي ڏيو کي ٻيون دعوتون.
اسان جي مُحبت ڪندي مُعجزو،
نه رهنديون اُهي نفرتون نفرتون.
**(تنوير عباسي، ’تنوير چئي‘، ١٩٨٩ع، ص: ٥٣)**

محبت ۽ پيار جو تصور به جديد شاعرن وٽ روايتي ۽ رواجي نه آهي، پر فطرت جي ٻين مظهرن جيان انتهائي حقيقي ۽ حُسناڪ آهي، اُنهيءَ ڪري ئي نوجوان





ڪوي مَسرور پيرزادو، محبت کي گل، هوا، خوشبو، بادل ۽ بارش جيان آزاد ۽ احساساتي صداقت قبول ڪندي، چوي ٿو:

ڇونه محبت ڪنهن ڪَڪرَ وانگر پئي سڀ تي وَسي،
اوپرين! هيءَ تنهنجي لاءِ محبت ڇو هجي؟
چَندُ چمڪائي پيو جَڳُ چانديءَ سان چوطرف،
شَخصَ هِڪڙي لاءِ چَندَ جي هيءَ چاهت ڇو هجي؟
عشق سڀ کي ٿو ڪُشادي پنهنجي ڀاڪرَ ۾ ڀَري،
عشق کي سوڙهي ڪرڻ جي ڪا به حَسرت ڇو هجي؟
(مَسرور پيرزادو، ’چاندني تو سوا نه ٿيندي‘، ٢٠٠١ع، ص: ٤٩)

ساڳي ريت ٻيو هڪ نوجوان شاعر اَمرُ پيرزادو پنهنجي شاعريءَ ۾، محبت کي رڳو جسم جو معامرو نه، پر دلين جو سَنجوڳ سمجهي ٿو:

دوري نه سمجهجان تون جسمن جي فاصلي کي،
هو ڇا جدا ڪندا سڀ دلين جي رابطي کي.
هڪ ئي ڇڏي ويو آ اَڌَ ۾ ڇڏي اسان کي،
هڪ ئي ڪري ويو آ، وِيران قافلي کي.
(اَمرُ پيرزادو، ’عشق‘، ٢٠١٣ع، ص: ١١٦)

سنڌي ٻوليءَ جي اها وُسعت ۽ نَزاڪت ئي آهي، جو اُن صدين کان صوفين جي فلسفياڻي فڪر، شاعرن جي تخليقي حُسناڪين ۽ فنڪارن جي فني نَفاستن کي ماءُ جي آغوش وانگر پاڻ ۾سنيااليوۓ سانديو آهي. جديد شاعرن جي لهجي ۾ جتي پيارَ جي پُوترتا جو اِحساس ۽ رومانوي رنگيني ملي ٿي، اُتي هُو پنهنجي ڌرتي ۽ ڌراڙن جي مسئلن ۽ مامرن کان پڻ پَليءَ پِٽ آشنا ۽ آگاهه آهن.

آڪاش انصاري پنهنجي هڪ نظم ۾ اُن جو عڪس هيئن پيش ڪري ٿو:

ڪُراڙو ڪُنڀرُ ڪاڇي جو
خالي پيٽ، خيالن ۾ گُمُ سوچي پيو:
’ڏاڍو ڏيهه ڏُڪار ڏنو آ‘

گاج چڙي، گجگوڙ وِساري
مِيتوڙي گهُگهي جوهيءَ جي
سارو ڏينهن تي پاٽي ساري
هِيل تہ ڪاچو، ڪاچو ناهي
چڻ ڪو موت جو پاڇو آهي!
پوءِ هُو هوريان هوريان چَڪ هَلائي
مٽيءَ مان تو ماٽي ٺاهي
ٺاهي، ڍاهي، ٻيهر ٺاهي
چڻ هو ٻُڪ پيو وِندرائي
پنهنجو پاڻ سان تو ڳالهائي
ڪاش! مِٽيءَ مان ماٽي بدران
ماني ٺهي سگهي ها
ڪيڏي ٻُڪ لهي ها
ڪيڏي ٻُڪ لهي ها!
(آڪاش انصاري، 'اَڌورا اَڌورا'، ٢٠٠٧ع، ص: ٥٨)

جيڪڏهن ڪنهن سِرجڻهار وٽ لفظن جي مالهائن ۾ فِڪر جي موتين کي پُوئڻ جو فَنُ ۽ ڏانءُ آهي، تہ پوءِ اظهار جي تخليقي سَگهہ، ڏات لاءِ ڪيئي راهون هَموار ڪري سگهي ٿي. جديد شاعرن وٽ بنان شڪ جي اُهو نِرالو ڏانءُ ۽ اَنوکي ڏاتِ آهي، جو هُو بي جان لفظن ۾ احساسن جو روح اوتي سگهن ٿا.

سَڳو تہ ناهي، سَنگهرَ بہ ناهي، ڇِنان هي ناتو ڇِني نہ سگهندس
سرير تان ڪَلَ لهي نہ سگهندي، بدن منجهان دل ڪڍي نہ سگهندس.
وري وري چو ڪرين ٿي پارتَ، غَيور ٿَجُ تي يقين رک تون
تَرار ڪنهن جي سهي سگهان ٿو، مَيار تنهنجي سَهي نہ سگهندس.
لذيذ ڪاڌا، حَسين حورون، زرين ماڙيون مگر خدايا!
اُتي بہ ڪنهن جو غلام بڻجي گهڙي بہ هَڪڙي رهي نہ سگهندس.
(استاد بخاري)





جديد سنڌي شاعرن وٽ لفظن جي چونڊ، تخيل جي تازگي ۽ لهجي ۾ ترنم واري ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو بہ حَسين فن آهي. هُنن جون تخليقون، خيال جي خوبصورتي، احساسن جي نفاست ۽ فڪر، فن جو حَسين اِمتزاجُ آهن.

توسان ونگيس اندلٺ ونگ جان،
ڪِڙي پيش ڪستوريءَ رنگ جان،
پيار پراٽو رسجي راٽل!
رنگجي اگنيءَ رگي انگ جان،
(سحر امداد، چوڏهينءَ چنڊ آڪاس)

جديد ڪويتا ڪارن جي لفظي ۽ تخليقي جوڙجڪ جو سياءُ، سماجي ۽ قومي مزاج موافق آهي، اُنهيءَ ڪري هُنن جا اِستعارا ۽ علامتون بہ پنهنجي سماج ۽ ثقافت مان ورتل آهن.

دراوڙ دل جي تَنهائي وَصل جو ڪاجُ ماٽيندي،
جڏهن سوراج ماٽيندي.
سُهائي سُرخرو ٿيندي ۽ ڌرتي تاج ماٽيندي،
جڏهن سُوراج ماٽيندي.
مِٽي اَرڏن وجودن جي، وجي مَعراج ماٽيندي،
جڏهن سُوراج ماٽيندي.
(اياز جاني، 'دَراوَڙ دل جي تنهائي'، ٢٠١٦ع، ص: ١٩٦)

جديد شاعرَ سُچيت ۽ سُجاڳ بہ آهن تہ پنهنجي عَصري حالتن کان آشنا بہ. هِنن جي مطالعي ۽ مُشاهدي جي دنيا رڳو خارجيت تائين محدود نہ آهي، پر هُو داخلي دنيا جي بہ گِهري بِصيرت رکن ٿا. هُنن وٽ پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن جي سُکن، سورن جو ادراڪ بہ آهي، تہ پنهنجي مَن جي احساسن ۽ اُڌمن کي ڪاغذ جي ڪئنواس تي پينٽ ڪرڻ جو اَنوکو آرٽ بہ آهي، اُنهيءَ ڪري سندن شاعري عَصري حالتن جي عڪاسي بہ ڪري ٿي، تہ اُها دلين جي ترجمان بہ آهي.

## جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي وِرثي جي سَنڀال:

ڪلاسيڪي شاعريءَ جون روايتون، جديد سنڌي شاعريءَ جو نہ فقط اَمُلھ

اَثاثو آهن، پر موجوده جديد شاعريءَ جو بنياد گهڻو ڪري اُنهن ئي روايتن تي آڌاريل آهي. يا ائين ڪٿي چئجي ته، اُنهن روايتن جي فني ۽ فڪري روح مان جديد سنڌي شاعريءَ جو نئون جنم ٿيو آهي، ته اُن ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو.

اسان جو جديد شاعر سچ ته خوشنصيب آهي، چو ته، "اُن وٽ روايتن جو خزانو به آهي، تهذيب جي دولت به آهي، ته نئين دور سان پاڻ کي سَلهاڙڻ جو شُعور ۽ هُنر به آهي. اُن وٽ وڏڙن جي تجربن جو نِچوڙ به آهي، ته وَٽس نوَن تجربن ڪرڻ جي هِمت ۽ سَگهه به آهي"(٢).

جديد شاعرن پنهنجي اُن سَموري پَسمنظر جي آگهي ۽ پنهنجي دور جي حقيقتن جي شعور کي پنهنجي فِڪر ۽ فَن سان سَلهاڙي، تخليق جي سَفر کي اڳتي وڌايو ۽ جاري رکيو آهي. هُنن ڪلاسيڪي شعري صنفن جهڙوڪ: بيت، دوهي ۽ وائي کي نه فقط پنهنجايو آهي، پر اُن جي هيئت ۾ نوان تجربا ۽ موضوع ۾ وُسعت پيدا ڪري، اُن کي نئين جِدت ۽ نِرالي جوتِ بَخشي آهي. بيت، جنهن ۾ ڪلاسيڪي دور جي شاعرن گهڻو ڪري تصوف، فطرت جي نقش ڪشي ۽ ڪجهه مَقامي لوڪ ڪَٿائن جي موضوعن کي علامتي ۽ احساساتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جديد شاعرن، اُن ۾ساڳين موضوعن کي نئين جِدت ۽ جديد عَلامتن ۾ بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ موضوعن توڙي فڪري اَحساسن جي هڪ وَسيع دنيا سَمائي آهي. جديد بيت جو رڳو فارم، اساسي ۽ ڪلاسيڪي آهي، باقي موضوع، محاڪات، منظر، علامتون ۽ استعارا سڀ نوان ۽ عصري حالتن جي عڪاسي ڪندڙ آهن. هيٺ نموني طور ڪجهه جديد شاعرن جا بيت ڏجن ٿا.

نِسورو نادانُ، سدا آهين سومرا!
منهنجو ساهه سَنگهار ڪان، ڏارَ ڪندو زندانُ؟
آءٌ ته هان حِيرانُ، ڪِئن تو پاڙيو ڪوٺَ تي!
(شيخ اياز، شاعري ٢، 'ڪَپر ٿو ڪن ڪري'، ٢٠٠٨ع، ص: ١٤٠)

حقيقت ۾ شاعري جي دنيا، نه اکين سان ڏسجندڙ پَسجندڙ معروضي دنيا جهڙي آهي، نه ئي جادوگر جي طِلسم ۽ جُڙتو جهان جهڙي، پر اُنهن ٻنهي کان اُها نه رڳو مختلف ۽ مُنفرد آهي، پر وڌيڪ حَسين ۽ حقيقي به آهي، چو ته اُن جو بُنياد بِينائيءَ تي نه، پر تَخيل ۽ تخليقي تصورن تي آهي. اکِ جي آگهي ۽ پهچ محدود ٿئي ٿي، پر تخيل ۽





تصور جي ڪائنات بي ڪنار آهي.

"جيستائين ڪنهن شاعر ۾ هڪ ٻارَ جيتري معصوميت ۽ هڪ فلسفيءَ وانگي ڪائنات جي هر ڳجهه کي ڄاڻڻ جي بي چيني ۽ اُتڻ نه آهي، تيستائين اُن جي سِتَ سُکل ڪانيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪنهن به موسم ۾ ڪو گل، گونچ يا ڪا مُکڙي ٽِڙڻ جو اِمڪان به نه ٿو رکي سگهجي."(٣)

حقيقت اُها آهي ته جديد شاعرن، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي لوڪ ڪٿائن کي بدلجندڙ ماحول جي نَين تقاضائن، فني ۽ فڪري لاڙن سان سَلهاڙي، اَهڙي اَثرائتي نموني پيش ڪيو آهي، جو اُهي ڪِلاسڪ ۽ جِدت جو سُهڻو سَنگم محسوس ٿين ٿا.

## جديد سنڌي شاعري ۾ موضوع، ماحول ۽ منظرنگاري:

جديد شاعرن وٽ پنهنجي آس پاس موجود فطري مَظهرن جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ نه فقط پنهنجي اِنفرادي اکِ آهي، پر پنهنجن سماجي حالتن کي ڏسڻ، پَسڻ ۽ اُنهن جو تجزيو ڪري، اُن مان نتيجا اَخذ ڪرڻ جي وَٽن نِرالي فِڪري سَگهه ۽ سُرت به آهي.

جديد سنڌي شاعري سچ ته، پنهنجي دور جي ڏکويل اِنسان جي اَندر جي اَڪيلائي، روحاني پيڙا ۽ ذهني اضطراب جي شاعري آهي. اُها هڪ طرف خواب ۽ حقيقت جي معنويت جي ڳولا جي عمل ۾ سَرگرم آهي، ته ٻئي طرف وقت ۽ موت جي قوتن جي وچ ۾ لٽڪيل زندگيءَ جي ڇهري جي حقيقي تاثرن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جديد شاعري زندگيءَ جي اصلي ڇهري کي جيئن اُهو آهي، اِئين پيش به ڪري ٿي ۽ جيئن اُهو هُجڻ گهرجي، اُن جو عڪس ۽ احساس به پَسائي ٿي.

وقت - ٻيڙيءَ تي تَري ٿو ماڻهو،
مِيڻ بتيءَ جان ڳري ٿو ماڻهو.
ريتَ ذري کي خدا جي دعويٰ،
ڪيئن هوائن ۾ تَري ٿو ماڻهو.
جي ٻُڏي سچ ويو ته ڇا ٿي پيو،
هِڪڙو ڏيئو ته ٻَري ٿو ماڻهو.
(احسان دانش، 'لفظن جي خوشبو'، ٢٠١٠ع)

جديد سنڌي شاعرُ، نہ صرف پنهنجي داخلي ڪيفيتن جي دنيا کان آگاهہ آهي، پر هُو پنهنجن قومي مامرن ۽ معاشرتي مسئلن کان پڻ چڱيءَ طرح آشنا آهي. هُو ڪائنات جي وُسعتن ۾ پکڙيل فطرت جي گوناگون حقيقتن ۽ حُسناڪين کي لفظن جي بُرش ۽ احساسن جي رنگن سان پَنن جي ڪئنواس تي خوبصورت پينٽنگس جو روپ ڏيڻ جو آرٽ بہ ڄاڻي ٿو، تہ لفظن ۾ مصوري ۽ خيالن ۾ خوابن جي عڪس نگاري جو هُنر بہ ڪيس خوب اچي ٿو. اُنهيءَ ڪري هُو لاڙَ تان لَڙندڙ مُهاٽي ٻارَ جهڙي سِجَ جا نَقش، سُنسان مَندر ۾ سانجهي جي مِلڻ، هوائن تي هَلڻ جي نِشانن، ڏورِ اُڏامندڙ آڙين جي عڪسن ۽ مَڇي جي اکِ مان هِن سمنڊ جهڙي وِشال سَنسارَ جو پَرتوو پَسڻ ۽ پَسائڻ جا اَنوکا اَحساسَ اُوري ٿو.

مُصوراڻي حُسن ۽ مُفڪراڻي تَخيل سان مَعمورُ حَسن درس جي غزل جون هي سِٽون مُلاحظ ڪريو.

اُڏاڻيون ڏور پئي آڙيون، سَمو ڪنهن سارَ وانگي هو،
لَڙيو پئي لاڙَ تان سُورج، مُهاٽي ٻارَ وانگي هو.
ٻِچيءَ ۾ مون هُيو پاتو ۽ سِيني ساڻ هو لاتو،
منهنجو محبوب ڪَلهہ مون کي، هٿن ۾ هارَ وانگي هو.
وَڻن تي ڪانگَ ها وِيٺل، ڳِليءَ مان ڳئون پئي آيون،
پُراڻو ڳوٺ هو ليڪن پرينءَ جي پارَ وانگي هو.
هوائن تي هَليس آئون، نظر ڪجهہ ڪو نہ ٿي آيو،
سڄڻ رستو سڄو تنهنجو، سِنهي ڪنهن تارَ وانگي هو.
مَڇيءَ جي اکِ مان ويٺي، ڏٺو مون هر ڏيهاڙي کي،
لُڙاٽيل وقت ۾ لمحو، لڳل ڪنهن ڄارَ وانگي هو.
(حَسن درس، ’حَسن درس جو رسالو‘، ٢٠١٦ع، ص: ٦١)

سنڌي شاعريءَ جي اَساسي توڙي ڪلاسيڪي دؤر ۾، عڪس ۽ مَنظر نگاري جي روايت ملي ٿي. شاهہ ڪريم کان شاهہ لطيف ۽ ويندي اڄ جي جديد شاعرن تائين سنڌي شاعريءَ ۾ عڪسي تجربن ۽ اظهار جو وڏو ذخيرو موجود آهي. خاص ڪري ڀٽائي جي شاعري اُن حوالي سان ڪمال جي شاعري آهي، جنهن ۾ لطيف، نہ رڳو ڇهن





حَواسن سان وابستہ عڪسي مشاهدن کي پيش ڪري ٿو، پر اُنهن مان ڦُٽي نڪتل ڪجهہ ٻين حِسي مشاهدي جي عڪسن کي پڻ اهڙي اثرائتي ۽ فنڪارانہ انداز سان پيش ڪري ٿو، جو اُنهن کي پَسي ماڻهوءَ جو حوصلو حِيرتَ ۾ پئجي وڃي ٿو. جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾، مختلف عڪسن جون صورتون بيحد حَسين ۽ موهيندڙ انداز ۾ مِلن ٿيون. جيئن:

اَڌ رات جو ڪوي ڪو، ڪوتا لِکي رهيو هو،
ڪيڏا سُتا لڳا پئي، اُوراقَ روشنيءَ ۾ !
اَڌُ اُپٽيل اکين سان، تنهنجي اکيان ائين مان،
اونداهہ مان اچي جئن، ڪو تيز روشنيءَ ۾.
(امداد حسيني، ’هوا جي سامهون‘، ٢٠٠٠ع، ص: ٢٩٢)

”شاعريءَ جو زندگيءَ ۾ وڏو ڪارج ئي اُهو آهي، تہ اُها اُهو ڪجهہ بيان ڪري ٿي، جيڪو هِن زندگيءَ ۽ دنيا ۾ ائين موجود ئي نہ آهي. اُن ڪري سُٺي شاعري ڪڏهن بہ پُراڻي، پاروٿي، مَتروڪ ۽ مُدي خارج نہ ٿي ٿئي. ڇاڪاڻ تہ اُن جو مِزاج ، ڪارج ۽ مَنصب ئي اِهڙو آهي، جو اُها هميشہ خوابن جا ڏِيئا ٻاريندي رهي ٿي.“ (٤)

جديد سنڌي شاعرن لاءِ هاڻي ڪو بہ موضوع اُوپرو ۽ اَجنبي نہ آهي. هُنن ڌرتيءَ تي موجود هر شيءِ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. عام رواجي موضوعن کان وٺي فلسفياڻي ۽ فڪري نُڪتن تائين، هر سوچ ۽ احساس کي پنهنجي تخليقي انداز سان پيش ڪيو آهي. جديد ۽ نئين ٿهيءَ جي سِرجڻهارن جو تخليقي ڪئنواس، ڪائنات جيان ڪشادو آهي. هُنن جي سُکن ۽ سَرهائين جو سَنسارُ پنهنجو آهي، تہ سندن داخلي دَردن، ڪيفيتي ڪَربَ ۽ فڪري احساسن جي بہ پنهنجي هڪ الڳ دنيا آهي. جديد شاعرن وٽ مختلف داخلي ڪيفيتن کي تخليقي پيرائي ۾ پيش ڪرڻ جو پڻ پنهنجو هُنر آهي، جيڪو موهيندڙ بہ آهي، تہ متاثر ڪندڙ بہ.

واءُ جي جهوٽي سان ٻَتيءَ جو وِسامي وڃڻ فطري ۽ سَياويڪ عمل آهي. اُهو مُشاهدو گهڻو ڪري عام ۽ رواجي نُوعَ جو آهي، جيڪو روزاني زندگيءَ ۾ هر ڪنهن جو ڌِيانُ وائِڻلُ ٿي سگهي ٿو، پر اُن اونداهيءَ کان پوءِ هر ماڻهوءَ جا اِنفرادي احساسَ، تصورَ ۽ سوچ جا انداز پنهنجا پنهنجا ٿين ٿا. هڪ تخليقڪار جي احساساتي ڪيفيت بہ

تخليقي ۾ ٻين کان مُنفرد ٿئي ٿي، اُن جو ٿورو اندازو هيٺين ٻہ سِٽون پڙهڻ کان پوءِ سولائي سان ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾، واءُ جي جهوٽي سان ٻَتي وِسامي وڃڻ کان پوءِ اوندهہ ۾ ڊِنلَ معصوم ٻارڙي جيان شاعريءَ جي روئي پوڻ جي نِرالي تَجسيم پيش ڪئي وئي آهي.

واءُ جو جهوٽو وِسائي ويو ٻَتي،
اونداهہ ۾ روئڻ لڳي آ شاعري.
(ابڙو روبينہ، 'قدم کان عدم تائين'، ٢٠١۵ع، ص: ١٦٤)

جديد تخليقڪارن زندگيءَ جي مُشاهدن، تجربن ۽ ٻين مامرن تي تہ ڀرپور نمونيءَ سان لکيو ۽ پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو آهي، پر موت جي حقيقت کي بہ پنهنجي شاعراڻين ترڪيبن، تشبيهن ۽ استعارن ۾ انتهائي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي. جيئن موت بابت هي شاعراڻو تخيل:

موت ڇا هي؟
ڳوٺ جي ڳسَ کان ڪنهن ڪُنڊ تي،
موت آهي نانءُ ٽِنڊريل ٻير جو.
جنهن جا ڳاڙها ڳاڙها ٻير،
ڳوٺ جا سڀ ٻي ڇيا — پيرين اگهاڙا ڇوڪرا
پاڻ ماريو ۽ ڦَٽيو جهوليون ڀَريو،
ٻير کي چانگي صفا ننگو ڪري،
مُرڪندا ۽ رَتُ ڳاڙيندا وڃن.!
(تاج بلوچ، 'لفظن جو ماتم'، ١٩٩٧ع، ص: ٤٧)

جديد سنڌي شاعرن نہ صرف پنهنجي ديس جي ڏُکن دَردن ۽ وطن جي مَسئلن ۽ اُن جي ماڻهن جي سياسي، سماجي ۽ نفسياتي مامرن ۽ مونجهارن جي پنهنجي شاعريءَ ۾ ترجماني ڪئي آهي، پر ان سان گڏوگڏ ڏيهان ڏيهي حالتن ۽ سماجي، سياسي منظرنامي کي سمجهڻ ۽ اُن جو عڪس پيش ڪرڻ جي پڻ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. وِيٽنام، ڪانگو، نڪارگوا، اِيٿوپيا ۽ آفريڪي ماڻهن جي بُک، بَدحالي هجي يا وري فلسطينن، ايرانين، عراقين، افغانين، بوسينائين، لبنانين، ڪشميرين جو ڪوس يا سنڌ وطن جي ماروئڙن سان ٿيندڙ ظلم، زيادتون ۽ وِيلَ هجن، سنڌي شاعرن اُنهن جي





دَردن ۾ دانهن کي نہ فقط پنهنجي شاعريءَ ۾ سَمايو آهي، پر اُنهن تي ٿيندڙ استحصال ۽ استبداد کي پوري سچائيءَ سان پاڻ تي ٿيندڙ تشدد سان تعبير ڪيو آهي.

مون نہ ايئن ڪو ڄاتو هو،
دين ڌرم جي نالي ۾
سنڌڙي اهڙا ڏينهن بہ ڏسندي
مِٽيءَ جو ڪو مذهب هوندو
مِٽي هندو مسلم ٿيندي....
مُئل ماڻهوءَ جو مذهب هوندو
لاش کي ائين لُڙيو ويندو
لاش بہ پورا ڪارا ٿيندا...
نم جي ڇانو بہ هندو ٿيندي
ٻڙ جو ڀاڪر مُسلم ٿيندو
اُپ ڪَڇيندڙ اُجرا پنڇي
شيعا ٿيندا، سُني ٿيندا
مون نہ ائين ڪو ڄاتو هو
سنڌڙي اهڙا ڏينهن بہ ڏسندي!.
(بخشڻ مهراڻوي، 'اِلتجا'، ٢٠١١ع، ص: ١١٦)

## جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هيئتن ۽ گهاڙيٽن جا تجربا:

جديد سنڌي شاعريءَ ۾، موضوعن جي گوناگوني ۽ فڪر جي فراواني کان وٺي هيئتن ۽ گهاڙيٽن ۾ جيڪا تبديلي ۽ نواڻ پيدا ٿي آهي، اُها مرحليوار تجربن ۽ آزمائشن جو ڊگهو سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ اُنهيءَ درجي تي پهتي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ هر جديد قدرُ نہ رڳو پنهنجي قديم قدر جي سَلي مان سِرجندو آهي ۽ پنهنجي دور جي ماحول ۽ حالتن جي اَثر جي اُس ۽ روشنيءَ ۾ پَلجي، نِپجي عروج کي رَسندو آهي.

”جي ادب، سماج لاءِ ڪُلي هوا ۽ روشنيءَ جو لَنگهہ نہ آهي. جي اُهو اڳواٽ اطلاع نہ ٿو ڏئي، تہ سماج کي هي خطرا درپيش آهن. اُهو بيمار سماج جو نبض شناس نہ

آهي ۽ اُن جي صحت جي باري ۾ اُٽَڻ جو اظهار ۽ خطري جي نشاندهي نہ ٿو ڪري، تہ اُهو ادبي مواد ۽ ڪتابَ يقينن پَنسارين جي ڪم ايندا.“[۵]

جديد سنڌي شاعرن سنڌيءَ جي قديم صنفن بيت ۽ وائيءَ جي روايتي فڪر (جيڪو موضوعي لحاظ سان گهڻو ڪري صرف تصوف ۽ وحدانيت جي رنگ ۾ رَڇيل هو) ۽ فارم (۱۱- ۱۳ ماترائن) ۾ نہ صرف تبديلي آندي آهي، پر اُن جي وزن، لب و لهجي، فن ۽ فلسفي ۾ بہ نئون نِکار ۽ سونهن پيدا ڪئي آهي.

”مان ۽ منهنجا خواب،
روز روئن ٿا پاڻ ۾.
توکي پوڇڻ وارا ڪيئي،
منهنجا ڏوهہ ثواب،
روز روئن ٿا پاڻ ۾.
(محمد علي پناڻ، ’آشورا آهن‘، ۱۹۹۵ع، ص۱۴۱)

حقيقت ۾ جديد شاعري، فڪر جي نوَن زاوين ۽ زندگيءَ جي نئين حقيقتن کي نِرالي نوع ۾ پيش ڪري ۽ اُن ۾ فن جي نئين نُدرت پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نَين صنفن جي آمد لاءِ آجيان جا دروازا هميشہ کُليل رهيا آهن. جڏهن بہ شاعريءَ جي ڪنهن اُوپري مِهمان صنف، سنڌي شاعريءَ جي دروازي تي دَستڪ ڏني آهي، تڏهن سنڌي شاعرن جي پليڪار جا کُليل ڀاڪر سدائين اُن جي آجيان لاءِ اڳتي وڌيا آهن. اُهو ئي سبب آهي جو هائيڪي، دوهي، ترائيل، سانيٽ ۽ ڏيڍ سٽي کان وٺي نظم، نثري نظم ۽ آزاد نظم تائين جون صنفون جديد سنڌي شاعريءَ جي مزاج، لب و لهجي، ماحول، موضوع ۽ موسيقي جي مُنڊيءَ ٽِڪَ ۾ اهڙيون تہ رَچي ويون آهن، جو اُنهن جي اظهار ۽ انداز بيان مان مِٽيءَ جي سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ جو ساءُ ٿو اچي.

”هُن جي اکين ۾ هڪ گهرو سمنڊ آهي
اُن سمنڊ ۾،
هڪ انتظار جي ٻيڙي آهي-
اُن ٻيڙيءَ ۾ مُقدر جو ناکئو ننڊ پيو آهي.“
(شبنم گل، ’درد جي لَئہ‘، ۲۰۲۰ع، ص۱۵۱)





سنڌ جي جديد شاعري، گهڻو ڪري پنهنجي جاگيرداري ماحول مان نِڪري، فطري، روشن خيال، ترقي پسند ۽ ڪنهن حد تائين سرمائيداري، صنعتي ۽ پوسٽ ماڊرن دور جي ماحول ۽ حالتن ۾ داخل ٿي رهي آهي، اُنهيءَ ڪري اُن جا موضوع، اندازِ بيان، ترڪيبون، تشبيهون، محاڪات پنهنجا ۽ روايتي دؤر جي شاعري کان مختلف ۽ منفرد آهن. جديد سنڌي شاعريءَ جو تخليقي سفر شاندار فني ۽ فڪري راهن تي گامزن آهي.

## حوالا


۱. سميجو اسحاق (مرتب)، ’گيڙو ويس غزل‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۱۵ع.
۲. سميجو اسحاق، ’گناهہ جا گيت‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۰۶ع.
۳. مرزا نصير، ’تي نہ سگهيس شاعر‘، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، ۲۰۰۷ع.
۴. ۴. سومرو ادل، ’نيروليءَ جو خواب‘، ماءِ پبليڪيشن سکر، ۲۰۱۷ع.
۵. پيرزادو، سرور، ’چانڊني تو سوا نہ ٿيندي‘، ڪنول پبليڪيشن، قنبر، ۲۰۰۱ع.
۶. انصاري، آڪاش، ’اڌُورا اڌُورا‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۰۷ع.
۷. دانش، احسان، ’لفظن جي خوشبو‘، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، ۲۰۱۰ع.
۸. حسيني، امداد، ’هوا جي سامهون‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۰۰ع.
۹. مهراڻي، بخشڻ، ’التجا‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۱۱ع.
۱۰. عباسي، تنوير، ’تنوير چئي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، ۱۹۸۹ع.
۱۱. پيرزادو امر، ’عشق‘، انور پيرزادو اڪيڊمي، ۲۰۱۳ع.
۱۲. جاني اياز، ’دراوڙ دل جي تنهائي‘، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۱۶ع.
۱۳. درس حسن، ’حسن درس جو نالو‘، ڪاچو پبليڪيشن، ڪراچي، ۲۰۱۱ع.